تقريباً 23 سال پهريان جو بيان

# شراب جي بوتل

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابُو بلال

## مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **شراب جي بُوتل**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

**ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڪٽي پوئٽي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.**

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو رسالو بنام

# شراب جي بوتل

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# شراب جي بوتل [1]

**دعاءِ امير اهل سنت:** يارب المصطفيٰ! جيڪو بہ هي مڪمل رسالو ”شراب جي بُوتل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي جنّتُ الفردوس ۾ جڳهہ نصيب فرماءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَاٰلِهٖ وَسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ عورت حاضر ٿي عرض ڪيو: منهنجي جوان ڌيءَ فوت ٿي وئي آهي ڪو طريقو ارشاد فرمايو جو مان ان کي خواب ۾ ڏسي وٺان. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کي عمل ٻڌايائون. ان پنهنجي مرحومہ ڌيءَ کي خواب (Dream) ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو اُن جي بدن تي تارڪول (يعني ڏامر) جو لباس، ڳچيءَ ۾ زنجير ۽ پيرن ۾ زنجيرن جون ڪڙيون آهن! ان عورت اهو خواب حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي ٻڌايو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اهو ٻڌي ڏاڍا غمگين ٿيا. ڪجھ عرصي کان پوءِ حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه خواب ۾ هڪ

---

[1] عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي شروع ۾ امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ٿيڻ وارن مختلف آڊيو بيانن کي تحريري صورت ۾ بنام”فيضانِ بياناتِ عطار“ المدينة العلميہ(اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي شعبي ”بياناتِ امير اهل سُنت“ جي طرفان ترميم ۽ اضافي سان پيش ڪيو ويو. اَلحَمْدُلله! انهن بيانن ۾ هاڻي شعبي”هفتيوار رسالي جو مطالعو“ 9 جون 2000ء تي ٿيڻ واري هڪ بيان”شراب جي بوتل“ کي الڳ سان رسالي جي صورت ۾ منظر عام تي آڻي رهيو آهي.

چوڪريءَ ڪي ڏٺو. جيڪا جنّت ۾ هئي ۽ ان جي مٿي تي تاج (Crown) پاتل هو. ان چيو: ڇا اوهان مون کي نہ سڃاتو، مان انهيءَ عورت جي ڌيءَ آهيان، جنهن اوهان کي منهنجي حالت ٻڌائي هُئي، حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ڪهڙي سبب جي ڪري آئون توهان جي حالت بدليل ڏسي رهيو آهيان؟” مرحومہ چوڻ لڳي: قبرستان جي قريب کان هڪ شخص گذريو ۽ ان شخص نبي ڪريم صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪليو، ان جي درود شريف جي برڪت سان اللّٰه پاڪ اسان 550 قبر وارن تان عذاب ڪٽي ورتو.

( مکاشفۃ القلوب، الباب السابع، ص ٢٤ بتغير قليل)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شراب جي بوتل

حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ ڀيري مديني منورجي هڪ پاڪ گهٽي مان گذري رهيا هئا تہ هڪ نوجوان سامهون آيو ان ڪپڙن جي هيٺان هڪ بوتل لڪائي رکي هئي، حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پڇا ڪئي: اي نوجوان! هي ڪپڙن جي هيٺان ڇا آهي؟ ان بوتل ۾ شراب هيو، نوجوان ۾ ان کي شراب چوڻ جي همت نہ ٿي، ان دل ئي دل ۾ دعا ڪئي: يا اللّٰه پاڪ! مون کي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سامهون شرمندو ۽ رسوا نہ فرماءِ، انهن جي سامهون منهنجي پردا پوشي فرماءِ، مان توبہ ڪيان ٿو، آئنده ڪڏهن بہ شراب نہ پيئندس، ان کان پوءِ نوجوان عرض ڪيو: يا اميرَ المُؤمِنين! مون وٽ سرڪي (جي بوتل) آهي، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: مون کي ڏيکاريو! جڏهن ان اها بوتل سندن جي سامهون ڪئي ۽ حضرت عمر

فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان کي ڏنو تہ اھو واقعي سِرکو ھو.
(نیکی دعوت ، ص 405۔مکاشفۃ القلوب ، ص 27، 28)

پيارا اسلامي ڀائرو! تورو غور ڪيو تہ جڏھن ھڪ ٻانھو ٻانھي ڪان ڊڄي ڪري دل سان توبہ تائب ٿيو تہ اللّٰہ پاڪ ان جي شراب کي سرڪي ۾ بدلي ڇڏيو. انھي طرح جيڪڏھن ڪو گناھ گار ٻانھو پنھنجي گناھن تي شرمسار ٿي ڪري توبہ ڪري وٺندو آھي تہ اللّٰہ پاڪ ان جي نافرمانين جي شراب کي فرمانبرداري جي سِرڪي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آھي. پڻ اھا بہ خبر پئي تہ توبہ بغير زبان ھلائي دل ئي دل ۾ بہ ڪري سگھجي ٿي جو حديث شريف ۾ آھي: ”اَلنَّدَمُ تَوْبَۃٌ يعني شرمندگي توبہ آھي.“ (ابن ماجہ،492/4، حديث:4252) اھو بہ معلوم ٿيو تہ ھٿ کڻي ڪري زبان سان دُعا گھرڻ ضروري ناھي بلڪ ليٽي ڪري، ويھي، ھلندي، زبان ھلائڻ بنا دل ئي دل ۾ بہ دعا گُھري سگھجي ٿي.

## شراب جي مذمت تي آيتون:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَ الْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ وَ الْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ وَ يَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ عَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿۹۱﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ قسمت معلوم ڪرڻ جا تير ناپاڪ شيطاني ڪم ئي آھن سو انھن ڪان بچندا رھو تہ جيئن توھان ڪامياب ٿيو. شيطان تہ اھو ئي چاھي ٿو تہ شراب ۽ جوا جي ذريعي توھان جي وچ ۾ دشمني ۽ بغض ۽ ڪينو وجھي

ڇڏي ۽ توهان کي الله جي ياد کان ۽ نماز کان روڪي ڇڏي پوءِ ڇا توهان رڪجي ويندؤ؟. (پ7، المائده: 90-91)

هن آيت ڪريمہ جي تحت تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ شراب ۽ جوا جا نتيجا ۽ وبال (يعني نقصان) بيان فرمايا ويا تہ شراب خوري ۽ جوا بازي جو ظاهري دنياوي وبال تہ اهو آهي جو پاڻ ۾ بُغض ۽ عداوتون (يعني نفرتون ۽ دشمنيون) پيدا ٿينديون آهن جڏهن تہ ظاهري ديني وبال اهو آهي تہ جيڪو شخص انهن برائين ۾ مبتلا ٿي اهو ذڪر الٰهي ۽ نماز جي وقتن جي پابندي کان محروم ٿي ويندو آهي. هن مان خبر پئي تہ جيڪا شيءِ الله پاڪ جي ذڪر ۽ نماز کان روڪي اها بُري آهي ۽ ڇڏڻ جي قابل آهي. ( تفسير صراط الجنان، پ 7، المائده، تحت الآية: 91، 26/3) هڪ روايت ۾ آهي تہ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو تہ الله پاڪ کي جعفر طيّار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون چار خصلتون پسند آهن. سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرتِ جعفر طيار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان پڇيو: انهن عرض ڪيو تہ هڪ خصلت تہ اها آهي جو مون ڪڏهن بہ شراب ناهي پيتو، يعني حُرمت جو حڪم نازل ٿيڻ کان پهريان بہ ڪڏهن شراب ناهي پيتو ۽ ان جو سبب اهو هو تہ مون کي خبر هئي تہ هن سان عقل زائل ٿيندي آهي ۽ مان چاهيندو هيس تہ عقل ويتر تيز ٿئي. ٻي خصلت اها آهي تہ جاهليت جي دور ۾ بہ مون ڪڏهن بُت پَرستي نہ ڪئي ڇوتہ مان ڄاڻيندو هيس تہ هي پٿر آهي نہ نفعو ڏئي سگهي ٿو نہ نقصان. ٽئين خصلت اها آهي تہ مان ڪڏهن بہ زنا ۾ مبتلا نہ ٿيس ڇوتہ مان ان کي بيعزتي تصور ڪندو هيس. چوٿين خصلت اها آهي تہ مون ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو ڇوتہ مان اُن کي ڪميڻائپ خيال ڪندو

هيس. (تفسيرات احمديه، ص101ملتقطاً)

سبحان الله! چا تہ سَلِيَمُ الفطرت هئا. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ جيڪڏهن شراب جو هڪ قطرو کوهہ ۾ ڪِري پئي پوءِ ان هنڌ مينارو ٺاهيو وڃي تہ مان ان ۾ آذان نہ ڏيندس ۽ جيڪڏهن درياء ۾ شراب جو هڪ ڦڙو پئجي وڃي پوءِ درياء خشڪ ٿي وڃي ۽ اُتي گاهہ ڦٽي پئي تہ مان ان ۾ پنهنجي جانورن کي نہ چاريندس.

(تفسير نسفى، پ 2، البقرة، تحت الآية: 219، ص 113)

## شراب جي مُذمت تي ست فرمانِ مصطفيٰ

(1) حضرتِ وائل حَضۡرَمي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ طارق بن سُوَيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شراب جي باري ۾ پڇيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کين منع فرمايو، انهن عرض ڪيو: مان صرف دواء جي لاءِ شراب ٺاهيندو آهيان. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي دواء ناهي بلڪ بيماري آهي.

( مسلم، ص845، حديث:5141)

(2) حضرت عبدالله بن عُمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُما کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو شراب پيئندو 40 ڏينهن تائين ان جي نماز قبول ڪانہ ٿيندي پر جيڪڏهن ان توبہ ڪئي تہ الله پاڪ ان جي توبہ قبول فرمائيندو. پوءِ جيڪڏهن وري ان شراب پيتو تہ وري 40 ڏينهن تائين اُن جي نماز قبول نہ ٿيندي پر جيڪڏهن ان توبہ ڪري ورتي تہ الله پاڪ ان جي توبہ قبول فرمائيندو. پوءِ جيڪڏهن اُن ٽيون ڀيرو شراب پيتو تہ وري 40 ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نہ ٿيندي پر جيڪڏهن ان توبہ ڪئي تہ الله پاڪ ان جي توبہ قبول فرمائيندو. پوءِ جيڪڏهن چوٿون ڀيرو اُن شراب پيتو تہ وري 40 ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نہ ٿيندي پر جيڪڏهن ان کان بعد ان توبہ ڪئي تہ ان جي توبہ قبول نہ ڪئي ويندي ۽ ان کي

نَهْرُالخَبَال مان پياريو ويندو. راوي کان پڇيو ويو تہ نَهْرُ الخَبَال ڇا آهي؟ تہ ان ٻڌايو تہ اها نهر(شاخ) جيڪا جهنمين جي پوَنَ سان جاري ٿيندي. (ترمذی،341/3،حديث:1869)

(3) حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”ٽي شخص جنت ۾ داخل نہ ٿيندا. هميشہ شراب پيئڻ وارو ۽ قاطع رحم(يعني مائٽي ٽوڙڻ وارو) ۽ جادوءَ جي تصديق ڪرڻ وارو.“[1] ( مسند امام احمد، 139/7، حديث: 19586 ملخصاً)

(4) حضرت عبداللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُما کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: دائمي طور تي شراب پيئڻ وارو جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو تہ اهو دربارِ خُداوندي ۾ قيامت جي ڏينهن اهڙي طرح ايندو جيئن هڪ بُت پرست.[2]

(5) حضرت اَنس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اللّٰہ پاڪ شراب جي باري ۾ 10 ماڻهن تي لعنت فرمائي: (1) شراب نپوڙڻ واري تي (2) شراب نپوڙائڻ واري تي (3) شراب پيئڻ واري تي (4) شراب کڻڻ واري تي (5) اُن تي جنهن ڏي شراب کنيو ويندو (6) شراب پيئارڻ واري تي (7) شراب جي قيمت کائڻ واري تي (8) شراب وڪڻڻ واري تي (9) شراب خريد

---

[1] حضرت علامہ علي قاري رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه حديث پاڪ جي هن حصي”۽ جادوءَ جي تصديق ڪرڻ وارو“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن مان مراد اهو شخص آهي جيڪو جادوءَ جي تاثير بذاتہ(يعني هن ۾ اللّٰہ پاڪ جي ڏيڻ بغير ازخود تاثير هجڻ) جو قائل هجي. (مرقات، 242/7، تحت الحديث: 3652)

[2] يعني توبہ ڪرڻ بنا شرابي رهي مري تہ اللّٰہ پاڪ ان سان ايترو ناراض ٿيندو جيترو بُت پرست سان ناراض ٿيندو، قرآنِ ڪريم ۾ ربّ تعاليٰ شراب جو بُتن سان گڏ ذڪر ڪيو. پڻ شرابي نشي ۾ بُت پرستي ڪري تہ ڪا تعجب جهڙي ڳالهہ ناهي جو بي عقل سڀ ڪجهہ ڪري وٺندو آهي تہ شراب بت پرستي جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو، مطلب تہ هي وعيد تمام سخت آهي. (مراۃ المناجيح، 337/3 ملتقطاً)

ڪرڻ واري تي (10) اُن تي جنهن لاءِ شراب خريد ڪئي وڃي.
(ترمذی، 47/3،حدیث: 1299 )

(6) حضرت ابو مالڪ اشعري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: منهنجي اُمّت جا ڪجھ ماڻهو شراب پيئندا ۽ ان جو نالو بدلائي ڪجھ ٻيو رکندا، انهن جي مٿن تي باجا وڄايا ويندا ۽ ڳائڻ واريون ڳائنديون. الله پاڪ انهن کي زمين ۾ دٻائي ڇڏيندو ۽ انهن مان ڪجھ ماڻهن کي ٻولڙو ۽ سُوئر بڻائي ڇڏيندو. ( ابن ماجہ، 4 / 368، حديث: 4020)

(7) حضرت اَبُو اُمامہ رَضِیَ اللہ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: قسم آهي منهنجي عزت جو! منهنجو ٻانهو شراب جو هڪ ڍُڪ بہ پيئندو تہ مان ان کي اوتري ئي پونءَ پياريندس ۽ جيڪو ٻانهو منهنجي خوف سبب ان کي ڇڏي ڏيندو مان اُن کي حُوضِ قُدّس(يعني جنتي چشمي) مان پياريندس. (مسند امام احمد، 8 /286، حديث:22281 ملتقطاً)

## شراب ڇاکي چئبو آهي

هر اها وهڻ واري شيءِ (يعني Liquid) جنهن جي پيئڻ سان نشو ايندو هجي شراب آهي، چاهي ڪنهن بہ شيءِ مان ٺهيل هجي.
( فتاوىٰ رضويہ،205/25ملخصاً)

## شراب پيئڻ جو حڪم

شراب پيئڻ تمام وڏو گناهہ آهي. (فتاوىٰ رضويہ، 101/25)

## شراب پيئڻ جا ڪجھ سبب

(1) شراب پيئڻ وارن ماڻهن وٽ اٿڻ ويهڻ (2) جهالت (جيئن تہ ڪجھ ماڻهو اهو سمجهندا آهن تہ شراب پيئڻ سان غم پري ٿيندا

آهن) (3) ڳائڻ وڄائڻ جي تقريبن (Function’s) ۾ شرڪت ڪرڻ، خاص ڪري Dance club’s ۾ وڃڻ (اهڙن هنڌن تي شراب نوشي عام ڏٺي ويندي آهي ۽ بين ڪي ڏسي ڪري پاڻ بہ اُن گناهہ ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو رهندو آهي)

## شراب جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! شراب جا بيشمار طبّي ۽ اخلاقي ۽ معاشرتي نقصان آهن، جن مان ڪجهہ پيش خدمت آهن جيئن تہ

## شراب جا طبّي نقصان

(1) ڪنهن ماهر جو چوڻ آهي تہ شروع شروع ۾ انساني بدن شراب جي نقصان پهچائڻ وارن اثراتن ڪان مقابلو ڪري ويندو آهي ۽ شراب پيئڻ واري ڪي خوشي واري ڪيفيت محسوس ٿيندي آهي پر جلد ئي انسان جي اندر جي برداشت واري قوت ختم ٿي ويندي آهي شراب جا نقصان پهچائڻ وارا اثرات پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪندا آهن. (2) شراب جو سيني ڪان وڌيڪ اثر جگر تي ٿيندو آهي ۽ جگر خراب ٿيڻ لڳندو آهي. (3) شراب جي ڪري گُردن تي بوجهہ وڌيڪ ٿي ويندو آهي ۽ آخرڪار گُردا فيل ٿي ويندا آهن. (4) شراب جي ڪري دماغ ۽ معدو سُڄي ويندو آهي جڏهن تہ هڏيون نرم ۽ ڪمزور ٿي ونديون آهن. (5) شراب جي ڪري جسم ۾ موجوده وٽامنز بہ تيزي سان ختم ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ۽ گڏ ئي ٿڪاوٽ، متي ۾ سور، الٽي ۽ اُڃ جي سختي بہ وڌي ويندي آهي. (6) وڌيڪ مقدار ۾ شراب پيئڻ واري جو ساهہ کڻڻ جو عمل بہ رڪجي ويندو آهي ۽ اهو يڪدم موت جو شڪار بہ ٿي سگهي ٿو. (7) ڪنهن ماهر جو چوڻ آهي تہ 12 ڪان 23 سال جي عمر ۾ شراب جي عادت وجهڻ وارن مان

51 فيصد ماڻهو مري ويندا آهن. هڪ ٻي مشهور محقق جو چوڻ آهي ته 20 سال جي عُمر کان شراب پيئڻ وارا اڪثر ماڻهو 35 سال کان وڌيڪ زنده ناهن رهندا. (برائیوں کی ماں، ص 43 -44 ماخوذاً)

## شراب جا اخلاقي ۽ معاشرتي نقصان

(1) هزارين ماڻهون شرابين جي هٿان قتل ٿي ويندا آهن. (2) شرابي مڙسن جي هٿان زالون ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻجنديون آهن (3) ڪيتريون ئي عورتون شرابي ماڻهن جي هٿان جنسي زيادتي جو شڪار ٿينديون آهن (4) شرابي والدين جي اولاد به عام ٻارن جي مقابلي ۾ گهٽ بيمار ۽ ڪمزور ٿي ويندي آهي. (5) اهو به نقصان ٿيندو آهي ته شرابي انسان جا گهر وارا ۽ دوست احباب ان جي پيار، محبت، همدردي ۽ خُلوص وغيره کان محروم رهجي ويندا آهن.

(تفسير صراط الجنان، پ 7، المائده، تحت الآية: 90، 22/3 ملخصاً)

## شراب ۽ شرابين کان پري رهڻ ئي ۾ عافيت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شراب جي بيشمار نقصانن ئي جي ڪري اسلام شراب کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ ڏنو وڃي ته ڪوبه عقلمند انسان اُن شيء جي طرف هٿ نه ٿو وڌائي سگهي جنهن جا نقصان تمام گهڻا هجن. اُمّت جي خيرخواه، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: جيڪو الله پاڪ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو اهو اهڙي دسترخوان تي نه ويهي جنهن تي(شراب) پيتو ويندو هجي. (ترمذی، 366/4، حديث:2810)

پڻ هڪ ٻيري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ڪنهن نشي ڪرڻ واري وٽ ايندا آهن، الله پاڪ انهن سڀني کي جهنم ۾ وجهي ڇڏيندو ۽ اهي جهنم ۾ هڪ ٻئي کي اچي

بُروپيلو چوندا تہ تو ئي مون کي هن هنڌ پهچايو آهي.
(کتاب الکبائر للذہبی، ص95ملخصاً)

انهيءَ کري اهڙي محفل يا پارٽي وغيره نہ پاڻ رکي وڃي جتي شراب نوشي هجي ۽ نہ ئي اهڙي محفل يا پارٽي ۾ شرڪت ڪئي وڃي. جيڪڏهن ذهن ۾ اهو خيال اچي تہ شراب تہ اچڻ وارن غيرمسلمن جي لاءِ رکندس، پاڻ نہ پيئندس تہ هي مسئلو ياد رهي تہ ڪنهن غير مُسلم کي شراب پيئارڻ بہ حرام آهي ۽ پيئارڻ وارو گنهگار ٿيندو. (ہدایۃ،398/2 ملخصاً)

## شراب جي عادت ڪيئن ختم ڪئي وڃي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن جي مَعاذاللّٰه شراب پيئڻ جي عادت ٻڌجي چڪي آهي تہ اُن کي هن بُري عادت کان پيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ هنن تدبيرن کي اختيار ڪرڻ گهڻو فائديمند آهي: (1) سيني کان پهريان اهڙن دوستن ۽ مجلسن کان پاڻ کي پَري ڪيو جتي شراب جو استعمال ٿيندو هجي. (2) شراب پيئڻ کان سچي توبہ ڪري اللّٰه پاڪ کان اها دعا گهرو تہ هُو شراب کان هميشہ دور رهڻ جي توفيق ۽ قوّت عطا فرمائي. (3) شراب جي عادت ڇڏائڻ جي لاءِ جيڪڏهن علاج ڪرائڻو پئي تہ اهو بہ ڪرايو. (4) تي سگهي تہ حلال ڪمائڻ کان علاوه جيڪو وقت ملي ان کي واندو گذارڻ جي بجائي نيڪي جي ڪمن مثلاً سنتن ڀرين اجتماعن، عاشقانِ رسول جي صحبت ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪري گذاريو. (5) جيڪڏهن شيطان وري شراب پيئڻ تي اڀارڻ جي ڪوشش ڪري تہ حديثن ۾ بيان ڪيل انهن عذابن جو تصور پنهنجي دل ۾ ڄمايو تہ: شراب پيئندس تہ قيامت جي ڏينهن اڃايل اٿاريو ويندس. (مسند امام احمد،5/274،حديث:15482ملخصاً) شراب پيئندس تہ دل مان ايمان جو نور نڪري

ويندو.(معجم اوسط، 110/1، حديث:341 ملخصاً) شراب پيئندس تہ دوزخ ۾ ملائڪ لوھ جا گُرز ھڻندا. (الترغيب و الترھيب،182/3، حديث:43 ملخصاً) شراب پيئندس تہ جنت جي خوشبوءِ بہ سونگھڻ جي لاءِ نہ ملندي. (ابن ماجہ، 62/4، حديث:3376ملخصاً) شراب پيئندس تہ لعنت جو مستحق ٿيندس. (ابن ماجہ، 64/4، حديث:3380 ملخصاً) شراب پيئندس تہ دوزخ ۾ ٿهڪندڙ پاڻي پياريو ويندو. (مسند امام احمد، 286/8، حديث:22281 ملخصاً) شراب پيئندس تہ قبر ۾ سوئر بڻايو ويندو. (ابن ماجہ،364/4،حديث:4020 ملخصاً -اسلام ميں شراب کی حيثيت ، ص21-23ماخوذاً)

## توبہ جي ترغيب

توبہ جي تمام وڏي اهميت آهي ۽ اللہ پاڪ جو اسان تي ڪرم آهي جو اُن اسان کي توبہ جهڙي نعمت سان نوازيو آهي. پانھو ڪيترو خوش نصيب آهي جو بشري تقاضا جي ڪري جيڪڏهن هن کان ڪوڙ، غيبت، شراب نوشي يا ڪو بيو گناھ ٿي وڃي ۽ پوءِ اھو اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ شرمسار ٿي مُعافي گُهري تہ اُن کي مُعافي ملي ويندي آهي. قرآنِ پاڪ ۾ توبہ ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي، جيئن تہ اللہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا تُوۡبُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ تَوۡبَةً نَّصُوۡحًا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! اللہ جي طرف اهڙي توبہ ڪيو جنھن کان پوءِ گناھ جي طرف موٽڻ نہ هجي. (پ28،التحريم :8)

هڪ بي هنڌ ارشاد ٿئي ٿو:

وَهُوَ الَّذِىۡ يَقۡبَلُ التَّوۡبَةَ عَنۡ عِبَادِهٖ وَيَعۡفُوۡا عَنِ السَّيِّاٰتِ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ اھو ئي آهي جيڪو پنهنجي ٻانهن جي توبہ قبول فرمائي ٿو ۽ گناهن کان درگزر فرمائي ٿو. (پ25،الشوریٰ:25)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ کَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَہٗ يعني گناھ کان توبہ ڪرڻ

وارو ايئن آهي جڻ اُن گناهه ڪيو ئي ناهي. لهٰذا هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي گهرجي ته اهو توبه کان غفلت نه ڪري.

جب کہا عصیاں سے میں نے سخت لاچاروں میں ہوں
جن کے پلّے کچھ نہیں ہے اُن خریداروں میں ہوں
تیری رَحمت کیلئے شامِل گنہگاروں میں ہوں
بول اُٹھی رَحمت نہ گھبرا میں مَدد گاروں میں ہوں

## گناهه جي ياد پگهر ۾ شل ڪري ڇڏيو

حضرت عُتبة الغُلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تمام وڏا ولي الله ٿي گذريا آهن. هڪ ڀيرو پاڻ ڪنهن هنڌان گذريا ته هڪ گهر جي پرسان بيهي رهيا، رقّت طاري ٿيڻ جي سبب پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پگهر ۾ شَل ٿي ويا. ڪنهن پڇيو: سائين! هتي اوهان جي اهڙي حالت ڪيئن ٿي؟ فرمائڻ لڳا: ڪنهن دور ۾ هن گهر ۾ مون سان ڪو گناهه ٿي ويو هو تنهنڪري جڏهن به مان هتان گذرندو آهيان ته مون کي پنهنجو اهو گناهه ياد اچي ويندو آهي ۽ مون کي تمام گهڻي ندامت ٿيندي آهي انهي ڪري هتي منهنجي حالت اها ٿي. (حلیۃالاولیاء، 246/6، رقم: 8471 ملخصاً)

## حضرت عُتبة الغلام جي توبه

حضرت عُتبةُ الغلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نوجوان هئا، ڪنهن دور ۾ تمام گهڻا گنهگار ۽ شراب جا عادي ۽ ٻين گناهن ۾ مشهور هئا، هڪ ڏينهن حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مجلس ۾ آيا، حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سيپاري 27 سورت حديد جي آيت نمبر 16 جو هيءُ حصّو تلاوت فرمايو:

اَلَمۡ يَاۡنِ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الۡحَقِّ ۙ

ترجمو ڪنزالايمان: ڇا ايمان وارن جي واسطي اجا اهو وقت نہ آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن الله جي ياد (جي لاءِ)

حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن آيت ڪريمہ جي تفسير بيان فرمائڻ لڳا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ايڏو تہ اثرائتو بيان فرمايائون جو ماڻهو ٻڌي ڪري روئڻ لڳا، ايتري ۾ هڪ نوجوان بيهي چوڻ لڳو: يا سيدي! مان توبہ ڪيان تہ ڇا الله تعالٰي مون جهڙي گنهگار جي توبہ قبول ڪندو؟ حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: هائو الله تعالٰي تنهنجي توبہ قبول فرمائيندو، عُتبۃُ الغلام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بہ اُتي ئي ويجهو وينو هئا جڏهن ان هي ڳالهہ ٻڌي تہ سندن چهرو پيلو ٿي ويو، سڄو بدن ڏڪڻ لڳو، رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ بيهوش ٿي ڪِري پيا، جڏهن هوش ۾ آيو تہ حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سندن جي ويجهو اچي هي شعر پڙهيا:

اي الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ وارا نوجوان! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ نافرماني جي سزا ڇا آهي.

نافرمانن جي لاءِ گرجڻ وارو جهنم آهي جنهن ۾ گرج ٿيندي ۽ محشر جي ڏينهن ربّ اڪبر جي سخت ناراضگي آهي.

جيڪڏهن تون جهنم تي راضي آهين تہ بيشڪ گناهہ جاري رک نہ تہ نافرماني ڪان پري ٿي وڃ.

تو جيڪي گناهہ ڪيا آهن ان ۾ تو پنهنجي نفس کي ڦاسائي ڇڏيو، تہ هاڻي نجات جي لاءِ ڪوشش ڪر.

حضرت عُتبَۃُ الغُلام رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ وري رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي ويا، جڏهن ڪجھ هوش آيو تہ چوڻ لڳا: اي شيخ! ڇا مون جهڙي زماني جي مشهور گنهگار جي توبہ بہ ربُّ رحيم قبول فرمائيندو؟ حضرت حسن بصري رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ فرمايو: ڇو نہ، معاف ڪرڻ وارو پروردگار ظالم ٻانهي جي بہ توبہ قبول فرمائي ڇڏيندو آهي.

حضرت عُتبَۃُ الغلام رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ ان وقت مٿو کڻي الله پاڪ کان ٽي دعائون ڪيون:

(1) اي منهنجا الله پاڪ! جيڪڏهن تو منهنجي توبہ قبول ڪري ورتي ۽ منهنجا گناهہ معاف فرمايا آهن تہ مون کي اهڙو فهم (يعني سمجهداري) ۽ ياداشت عنايت ڪر جو دين جي علم ۽ قرآن ڪريم مان جيڪو ٻڌان حِفظ (يعني ياد) ٿي وڃي (2) اي الله پاڪ! مون کي پُرسوز آواز جي اعزاز سان نواز جيڪڏهن ڪو پٿر دل بہ منهنجي قِراءَت ٻڌي تہ ان جي دل بہ نرم ٿي وڃي (3)اي الله پاڪ! رزق حلال عطا فرماءِ ۽ اتان روزي عطا فرماءِ جنهن جو مون کي گمان بہ نہ هجي، اللہ تعالٰي سندن ٽئي دعائون قبول فرمايائون، سندن حافظو خوب مضبوط ٿي ويو، جڏهن هُو قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا تہ سندن تلاوت ٻڌي گنهگار بہ تائب ٿي ويندا هئا، سندن گهر ۾ روزانو ٻوڙ جو هڪ پيالو ۽ ٻہ مانيون رکيل هونديون هيون ۽ خبر نہ پوندي هئي تہ ڪير ٿو رکي وڃي، انهيءَ حالت ۾ سندن انتقال ٿيو. هن حڪايت کي نقل ڪرڻ کان پوءِ حضرت امام محمد بن محمد غزالي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ فرمائن ٿا: هي اهڙي شخص جي حالت آهي

جنهن الله پاڪ سان دل لڳائي يعني ان جي بارگاهه ۾ توبه ڪئي. (مکاشفة القلوب ص 28)

## گناهه لکڻ واري نوجوان تي خدا جي رحمت

هڪ نوجوان الله تعاليٰ کان ڏاڍو ڊڄندو هو ۽ جڏهن به ڪو گناهه ڪندو هو ته ان کي پنهنجي ڊائري ۾ لکندو هو، هڪ دفعي جڏهن ان نوجوان کان ڪو گناهه ٿي ويو ۽ ان عادت طور پنهنجو گناهه لکڻ جي لاءِ پنهنجي ڊائري کولي ته ان تي سيپاري 19 سورت فرقان جي آيت نمبر 70 جو هي حصو لکيل هو:

فَاُولٰٓىِٕكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۷۰﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ته اهڙن جي برائين کي الله نيڪين سان بدلائي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.(مکاشفۃ القلوب ،ص27)

پيارا اسلامي ڀائرو! جهومي وڃو! الله پاڪ جي رحمت تمام وسيع آهي ۽ اسان گنهگارن لاءِ ان جي رحمت جا دروازا کليل آهن، رڳو اسان کي پنهنجن گناهن تي شرمندگي ۽ ندامت اختيار ڪرڻي آهي. اسان کي پنهنجي گناهن کي ياد رکڻ گهرجي جيئن اهو نوجوان پنهنجي گناهن کي ياد رکڻ لاءِ انهن کي لکي ڇڏيندو هو پر اسان گناهن کي وساري ڇڏيندا آهيون ۽ ڪيئي سال اڳ ڪيل نيڪين کي ياد ڪري وقت بوقت ماڻهن کي ٻڌائيندا رهندا آهيون. شايد ئي ڪو حاجي اهڙو هجي جنهن چند حج ڪيا هجن ۽ ان کي حجن جو تعداد ياد نه هجي، بلڪ سڀ ياد رکندا آهن ۽ ٻين کي ٻڌائيندا آهن ته اسان هيترا حج ۽ هيترا عمرا ڪيا آهن. رڳو اهو نه پر ٻين نيڪين جو به اهو ئي حال آهي جيئن ته ڪيئي ماڻهو اهو چوندا آهن ته منهنجو ايتري عرصي کان دلائل الخيرات شريف پڙهڻ جو معمول آهي، سائين! مان روز ايترو درود شريف

پڙهندو آهيان، مان ته روزانو هيترا نفل پڙهندو آهيان وغيره. اهڙيءَ طرح هر کو پنهنجي نيڪ عملن جو تعداد ته ياد رکي ٿو پر گناهن جو تعداد ياد نه ٿو رکي، بلڪ جيڪڏهن ڪنهن گناهه جي ڪري پشيماني ٿئي ته سمجهن ٿا ته اها هڪ ٽينشن آهي ان کي وساريو وڃي، اهڙي طرح اهي پنهنجي گناهن کي وسارڻ جي فڪر ۾ هوندا آهن. جڏهن ته اصول اهو آهي ته انسان نيڪين کي وساري ۽ گناهن کي ياد ڪري، چاڪاڻ ته نيڪين کي ياد رکڻ ۾ ڪو به فائدو نه آهي بلڪ جيڪڏهن نيڪ ڪم ياد رکي ڪري انهن تي غرور ڪندو رهيو ۽ ٻين کي ٻڌائيندو رهيو ته رياڪاري جي صورت ۾ نقصان ٿي سگهي ٿو جڏهن ته گناهن کي ياد ڪرڻ جو فائدو اهو آهي ته گناهه ياد رهندو ته ندامت ٿيندي رهندي، دل سڙندي رهندي ۽ ڪڏهن سچي توبه جي توفيق نصيب ٿي ويندي. ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن گناهه تي پشيماني ٿيندي رهي ۽ دل سڙندي رهي ته پوءِ ان شاءَ الله ان جو به فائدو ٿيندو، جيئن گناهه لکڻ واري نوجوان جي حڪايت ۾ اوهان پڙهيو ته ان نوجوان کان جڏهن به گناهه ٿي ويندو هو ته اهو ندامت سان ان کي پنهنجي ڊائري ۾ لکي ڇڏيندو هو، جنهن جو فائدو اهو ٿيو ته خطِ قدرت سان ان جي ڊائري ۾ سيپارو 19 سورت فرقان جي آيت نمبر 70 جو هي حصو فَاُولٰٓىِٕكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا﴿۷۰﴾ لکيو ويو.

عصياں سے کبھی ہم نے کنارا نہ کیا
پر تو نے دل آزُردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تو جہنّم کی بہت کی تجویز
لیکن تِری رحمت نے گوارا نہ کیا

## توبھ جي باري ۾ پُڇڻ واري عورت

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا تہ هڪ رات مان رسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن سان عشاءَ جي نماز پڙهي ٻاهر نڪتس، رستي ۾ مون کي هڪ عورت ملي، ان مون کان پڇيو: مون هڪ گناھ ڪيو آهي، ڇا مان توبہ ڪري سگهان ٿي؟ مون پڇيو: تو ڪهڙو گناھ ڪيو آهي؟ چوڻ لڳي: مون زنا ڪئي هئي ۽ جڏهن ان مان ٻار پيدا ٿيو تہ مون ان کي قتل ڪري ڇڏيو. مون کيس چيو: تون تباھ ٿي وئينءَ ۽ تنهنجي لاءِ ڪا بہ توبہ نہ آهي. اها عورت صدمي مان بي هوش ٿي ڪِري پئي ۽ مان پنهنجي رستي ڪان هليو ويس. پوءِ منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ مون سرڪارِ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇڻ بغير هن عورت کي ائين ڇئي ڇڏيو؟ سو مان تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبوت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. ۽ سڄو واقعو بيان ڪري ٻڌايو، اللّٰہ پاڪ جي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو تہ: تو تمام خراب ڪم ڪيو آهي، ڇا تو هي آيت ناهي پڙهي.

وَالَّذِیۡنَ لَا یَدۡعُوۡنَ مَعَ اللّٰہِ اِلٰـہًا اٰخَرَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪي اللّٰہ سان گڏ ڪنهن ٻئي معبود جي عبادت ناهن ڪندا. (پ19،الفرقان:68)

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: جيئن ئي مون اها ڳالھ ٻڌي تہ مان ان عورت جي ڳولا ۾ نڪري پيس ۽ سيني کان پڇڻ لڳس تہ: مون کي ان عورت جو پتو ڏيو جنهن مون کان مسئلو پڇيو هو. ايستائين جو ان عورت کي تلاش ڪرڻ سبب ٻار مون کي چريو سمجهڻ لڳا، آخرڪار مون هن عورت کي ڳولي ورتو ۽ ان کي هي آيت ٻڌائي جڏهن مون

فَاُولٰٓىٕكَ یُبَدِّلُ اللّٰهُ سَیِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ

ترجمو كنزالعرفان: ”اهڙن جي برائين كي الله نيكين سان بدلائي ڇڏيندو.“ (پ19،الفرقان:70)

تائين ٻڌائي ته اها خوشي مان ديواني ٿي وئي ۽ چوڻ لڳي: مون پنهنجو باغ الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ وقف ڪيو.

(مكاشفة القلوب ،ص28)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان كي الله پاڪ جي رحمت كان نااميد نه ٿيڻ گهرجي، توبه كان كڏهن به غفلت نه كرڻ گهرجي ۽ وقت بوقت توبه كرڻ گهرجي.

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی　　قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی


صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ نمازي بڻجڻ جو نسخو

خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حصول لاءِ هر هفتي عشاء جي نماز كان پوءِ اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو مدني مذاكرو ڏسڻ ٻڌڻ ۽ هر جمعرات جو نمازِ مغرب كان بعد عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اِجتِماع ۾ ثواب جي نيت سان سڄي رات گذارڻ جي التجاء آهي، عشاء كان پوءِ پلي اتي ئي آرام فرمايو ۽ الله پاڪ توفيق ڏي ته تهجد به ادا ڪيو. هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ۽ روزانو غور ۽ فكر جي ذريعي ”نيڪ اعمال“ نالي رسالو ڀري هر اسلامي مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذمه دار كي جمع كرائڻ جو

معمول بڻايو. اِنْ شَآءَاللّٰہ ان جي برڪت سان پابندِ سنت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذهن بڻجندو .

ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net